ABC Certified

A COMPREHENSIVE FAMILY HEALTH MAGAZINE

HEALTH - ENVIRONMENT - POPULATION WELFARE

MONTHLY WAIJ KARACHI

وڃڻ ويجهن وٽ، جي سگهين نه سگهو ٿيين (شاهه)

# ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

August 2004 RS. 20.00




## پاڪستان ۾ هارمون جون عام بيماريون (ياڱو چوٿون)

## دونهين جو زهر

## برسات جون بهارون

## ايسٽروجن جا استعمال



## ڊاڪٽر پيرات جون ڳالهيون

# گرين اسٽار

## زندگيءَ جي هر دور ۾ اوهان سان گڏ




ڪنڊوم

ساٿي ۽ ٽچ

انجيڪشن

فيمي جيڪٽ، نووا جيڪٽ ۽ ميجسٽرون

ايمرجنسي ڪونٽراسيپشن

اي سي

حمل روڪڻ واريون گوريون

نووا ۽ نوواٽري

انٽرايوٽرين ڊيوائس

ملٽي لوڊ

ايس ٽي آءِ

ڪليئر 7

ملٽي وٽامن

وائٽاليٽ

ڪلين ڊيليوري ڪٽ

greenstar Social Marketing

قابلِ اعتماد فيملي هيلٿ



الحمدلله

# اسٽيٽ لائف

جي نئين ڪاروبار ۾ 2004 جي پهرين ڇهه ماهي ۾

## 36% رڪارڊ اضافو

هن اعليٰ ڪارڪردگي تي

# مارڪيٽنگ فورس کي خــراج تحسين

اها عظيم الشان ڪاميابي اسانجي مارڪيٽنگ فورس جي سچي لڳاءُ
اڻٿڪ محنت جي بدولت ممڪن ٿي جيڪا حياتي واري بيمي جي ذريعي
قومي خوشحالي ۾ اضافي جي لاءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مصروف عمل آهي




اسٽيٽ لائف جي ويمه پاليسي - هڪ تابنده روايت نسل در نسل

اسٽيٽ لائف

انشورنس ڪارپوريشن آف پاڪستان

PID (K) 184/04

ARGUS

# LETTERS TO THE EDITOR

# اوهان جي راءِ ۾ پڙهندڙن جا خط

## پنهنجي پاران

"ويچ" جي ساٿين، قلمي سهڪار ڪندڙن ۽ مهربان پڙهندڙن کي گذارش ڪجي ٿه "ويچ" ۾ بجاءِ تعريفي خط شايع ڪرڻ جي اسان کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن "ويچ" جا پڙهندڙ مواد جي مناسب واڪاڻ ڪرڻ سان گڏ اسان جي خاسين ۽ڪوتاهين ۽ پنهنجي مثبت تجويزن کان ٻه اسان کي آگاهه ڪندا رهن. "ويچ" اوهان ۽ اسان سيني جو رسالو آهي، ان جو مکيه مقصد عام صحت جي واڌاري ۽ سڌاري بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي. اميد ته ان ڏس ۾ اوهان جو تعاون جاري رهندو.

ادارو

### وٽرنريءَ جامضمون ڏيندا

مان سنڌ هوميوپيٿڪ ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد جو شاگرد آهيان. جنوري 2004 کان توهان جي ماهنامي جو پڙهندڙ آهيان، پر خط لکڻ جي زحمت پهريون دفعو ڪري رهيو آهيان.

ماهوار ويچ، اسان جي سنڌي ۾ صحت تي نڪرندڙ هڪ رسالو نه هڪ ماهوار ڊاڪٽر آهي. هن رسالي ذريعي اسان کي ڪافي ڄاڻ ملي. هر مضمون پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جون جي مهيني واري رسالي جا ڇتي ڳئون جي بيماري ڇا آهي، ڊاڪٽر انور عالم هاليپوٽو صاحب جو انٽرويو ۽ بيمارن جي پرگهور لهڻ وارا مضمون ڪافي پسند آيا. ڇتي ڳئون وارو مضمون وٽنري سان تعلق رکي ٿو، اها بيٺي خوشي جي ڳالهه آهي جو اسان جي سنڌي رسالو، نه صرف اسان کي اسان جي صحت بابت پر اسان جي پالتو جانورن جي صحت بابت ٻه ڄاڻ ڏئي پيو. اسان توهان کي گذارش ڪنداسين ته هر مهيني توهان وٽرنري تي ڪونه ڪو مضمون ڏيندا ڪيو.

مونکي فيبروري ۽ اپريل جا رسالا بڪ اسٽالز تان نه ملي سگهيا، تنهن ڪري مان اهي ٻئي رسال توهان وٽان گهرائڻ چاهيان ٿو. مون کي انهن رسالن جي قيمت ٻڌائيندا. ان سان گڏ مان توهان کي ڇهه ماهي خريداري فارم (آگسٽ کان ڊسمبر جي رسالن) لاءِ موڪلي رهيو آهيان ۽ ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر ٿيڻ جو ٻه خواهشمند آهيان.

طارق عبدالله پرهياڙ

سنڌ هيوميوپيٿڪ

ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد سنڌ

*جواب: ادا رسالي جو مواد پسند ڪرڻ تي مهرباني، وٽرنريءَ تي مضمون وقت بوقت ڏيندا رهندا آهيون. باقي اوهان جي خريداريءَ جو فارم ملي ويو آهي. انشاءَالله رسالو اوهان وٽ پهچندو. هيلٿ پروموٽرز لاءِ اوهان جو فارم تسليم ڪيو ويو آهي، اوهان جو نالو ۽ نمبر ايندڙ شماري ۾ شايع ٿيندو. ادارو*

### ٽائيٽل خوبصورت هئو

مان ويچ جو مستقل پڙهندڙ آهيان. ويچ هن پيري نئين شيپ ۾ مليو، ڇمر روڪ وارو مضمون، ٽي بي اڇا انساني جانين جي زيان جو سبب، زناني عضون جي ڪينسر کان خبردار رهو، ٻارن جو هبڪڻ بهتر مضمون هئا.

علي محمد پنهور (سکر)

*جواب: ادا مضمون پسند ڪرڻ ۽ ٽائيٽل جي ساراهه ڪرڻ تي ٿورائتا آهيون. ادارو*

### ڪارٽون سٺو لڳو

سائين هن پيري جو ويچ هٿن ۾ آهي سڀ مضمون ڀلا هئا پر ڪارٽون ڏاڍو وڻيو اميد ته آئينده ٻه ڪارٽون ذريعي معاشري جي لڪيل حقيقتن کي کوليندا رهندا.

(محمد نديم اعوان- نوابشاهه)

*جواب:- ادا ڪوشش ڪنداسين ته هر دفعي ڪارٽون ۽ بهتر مواد ڏئي سگهون اميد ته سهڪار جاري رکندا- ادارو*

### آبادي تي مضمون نه هئا

هن پيري جو شمارو پاپوليشن اسپيشل طور اچي ويو آهي. ٽائيٽل ٻه ٺهڪندڙ آهي پر آبادي جي لحاظ کان مضمونن جي کوٽ آهي، صرف هڪڙو مضمون وڌندڙ ابادي، گهٽجندڙ وسيلا آهي ان ڪري آئينده ڪوشش ڪريو ته جنهن موضوع

تي اسپيشل شمارو ڪڍو ٿا، گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٽي مضمون ته ان تي هجڻ گهرجن. ۽ ڪارٽون به آبادي تي هجڻ گهرجي ها.

وسيم نوناري- لاڙڪاڻو

*جواب: ادا اوهان جي شڪايت بجا آهي اوهان هڪ ڀيرو رسالي کي وري کولي پڙهو ته هن شماري ۾ آبادي سان گڏوگڏ فيملي پلاننگ تي ٻيا به مضمون هئا. آئينده انشاءالله ڪوشش ڪبي ته موقعي تي مناسبت سان اجا گهڻو مواد ڏجي- ادارو*

## ويچ لاءِ انتظار رهندو

ماهوار ويچ پياري ماما جان ڪان مليو. پڙهي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ مان پنهنجي گهر وارن کي به پڙهي ٻڌايو ۽ پاڙي وارن کي به ڏنو ۽ مان هي سمورو رسالو تمام گهڻي شوق و دل و جان سان پڙهيم. هي لاجواب رسالو آهي. هن رسالي ۾ مواد تمام گهڻو سٺو آهي. ۽ ڊاڪٽر شمس سومري جون يادون اهي ڏينهن اهي راتيون، ڊاڪٽر پيراڻ ۽ گرمين ۾ وارن جي حفاظت ڪيئن ڪجي بهترين هئا. هي رسالو صحت جي سجاڳي آڻيندڙ تمام سٺو رسالو آهي. آخر ۾ ڊاڪٽر انور عالم هاليپوٽي جن جون تمام گهڻيون مهرباني، لک ٿورا ۽ هن رسالي ۾ هر هڪ انٽرويوز تمام سٺا ۽ بهترين آهن. ۽ اسان جون دعائون هن رسالي سان هميشه گڏ آهن. انشاءالله اڄان اڳي به ڪاميابي ماڻيندو- آمين.

عابده پروين ميمڻ- سانگهڙ

*پيڻ: خط لکڻ لاءِ مهرباني اميد ته اڳتي به ويچ پڙهنديون رهندو.*


سلام پاڪستان

وطن واسين کي 57- هون
جشن آزادي مبارڪ

پاران
محمد آصف سومرو
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
فيڊر ڊويزن حيدرآباد

TSC
THE STONE CENTER

# اسٹون سینٹر

گردے مثانے اور پتے کی پتھریوں کا علاج

جدید ترین مشینوں کے ذریعہ ماہر ڈاکٹروں کی زیرِ نگرانی

گردے، گردے کی نالی (Ureter) اور مثانے کی پتھریوں کا علاج

**بغیر آپریشن** لیتھوٹرپسی کے ذریعہ کیا جاتا ہے۔

پتے کی پتھری کا لیپروسکوپ کیمرے کے ذریعے آپریشن کا انتظام ہے۔

وقت کم سے کم اخراجات نہایت مناسب۔

**اوقات کار:**

پیر تا جمعہ صبح 10 بجے تا 9 بجے شام ہفتہ صبح 10 بجے تا 2 بجے دوپہر

ماہر ڈاکٹروں سے معائنہ اور مشورہ مفت

ایڈریس: کمرہ نمبر 7 میزنائن فلور، تاج میڈیکل کمپلیکس ایم اے جناح روڈ کراچی۔

فون نمبر: 7780114 موبائل نمبر: 0300-2673988

ايڊيٽوريل

# آزادي وارين خوشين جي موقعي تي اسانجي گذارش تي به ڌيان ڏيو

ڪيترين بيمارين اهڙيون آهن جن جي علاج لاءِ استعمال ٿيندڙ دوائن ۾ بيماين کان بچاءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ وئڪسين لاءِ ٿڌاڻ (Cold Chain) برقرار رکڻ تمام ضروري هوندي آهي. خاص ڪري ذيابيطس جي مريضن لاءِ استعمال ٿيندڙ انسولن (Insulin) هڪ اهڙي دوا آهي جنهن جي جيڪڏهن ٿڌاڻ برقرار نه رکي وئي ته ان جو اثر گهٽجي ويندو آهي ۽ ان سبب لکين ذيابيطس جا شڪار انسان جن جي بيماري / زندگي جو دارو مدار انسولن تي آهي، اهي پنهنجي زندگي جا قيمتي ڏينهن وڃائي سگهن ٿا. ان ڪانسواءِ ٻيا ڪيترا اهڙا مرض جن جي دوائن ڪي پڻ لاڳيتي ٿڌاڻ جي گهرج هوندي آهي يا وري مرضن کان بچاءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ وئڪسين ڪي به اگر لاڳيتي ٿڌاڻ نه ملي ته اهي به پنهنجو اثر وڃائي ويهنديون آهن.

اسانجي ملڪ ۾ اهڙي قسم جي دوائن / وئڪسين جي سپلاءِ ٻن طريقن سان ٿيندي آهي هڪ ته دواساز ڪمپنيون پاڻ اهي دوائون سپلاءِ ڪنديون آهن جن جي ٿڌاڻ گهٽي ياڳي برقرار رکي ويندي آهي ۽ ٻيو وري اهي دوائون ايجنسين / ڊيلرز جي معرفت وڪرو ٿينديون آهن ۽ جتان گهٽي ياڳي ميڊيڪل اسٽورن وارا خريد ڪري کڻي ويندا آهن ۽ ڊيلر کان وٺي ميڊيڪل اسٽور تائين انهن جي لاءِ ڪنهن به قسم جي ٿڌاڻ جو انتظام نه هوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اهي دوائون اهڙن ميڊيڪل اسٽورن تان وڪرو ٿينديون آهن، جتي ڪنهن به قسم جي Cold Chain نه هوندي آهي يعني نه ته انهن اسٽورن ۾ ڪو ريفريجريٽر هوندو آهي ۽ نه ئي ٻي ڪا ٿڌاڻ، خاص ڪري اهڙا ميڊيڪل اسٽور جيڪي ننڍن شهرن ۾ هوندا آهن ۽ اتي ڪوبه ڊيلر وغيره نه هوندو آهي، اهي پري پري جي شهرن مان ڊيلرن وٽان اهڙيون دوائون خريد ڪري بغير ڪنهن Cold Chain جي پنهنجي اسٽور تائين کڻي ايندا آهن. اجا جي وڌيڪ تحقيق ڪبي ته ڪيترن ڊيلرن وٽ پڻ ٿڌاڻ جو ڪوبه انتظام ڪونه هوندو آهي ۽ اتي اهڙي قسم جون دوائون عام قسم جي شيلف ۾ رکيل هونديون آهن.

ان ڏس ۾ اسان سنڌ جي وڏي وزير، وزير صحت، فيڊرل سيڪريٽري هيلٿ، ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ، تمام ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسرز هيلٿ ۽ ڊرگ انسپيڪٽرن کي گذارش ڪنداسون ته انساني صحت خاطر مٿين سلسلي جي باقائده تحقيقات ڪرائي وڃي ۽ دوائن جي ٿڌاڻ (Cold Chain) برقرا رکڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن.

- ادارو

# صافی

خون صاف کرنے کی قدرتی دوا




## پریکٹیکل کرکے دیکھیں!

ہمدرد کی صافی
خون کرے صاف اس طرح
داغ دھبّے، کیل مہاسے سب صاف
نرم و ملائم جِلد، کِھلی کِھلی رنگت

Blitz DDB

صرف 30 روپے

مقدار میں زیادہ، فی ملی لیٹر قیمت میں کم

Hamdard

Noorani

قائد اعظم نے فرمایا:

میں پاکستان کے عوام کو پیغام دینا چاہتا ہوں کہ اپنے اندر جوش اور ولولہ
پیدا کیجئے ہمت اور اُمید کے ساتھ اپنا کام جاری رکھیئے اور کسی طرح مایوس نہ ہوئیے۔
ہماری تاریخ و تہذیب ایک شاندار حیثیت رکھتی ہے ہمیں اپنا یہ قول یاد رکھنا چاہیے۔

## ایمان۔ اتحاد۔ تنظیم

31 اگست 1947 ریڈیو پاکستان




TOWN MUNICIPAL ADMINISTRATION ★ GULSHAN-E-IQBAL TOWN ★

ناظم و نائب ناظم گلشن اقبال ٹاؤن۔

ZAKCOM

# ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن

# بن قاسم ڪراچي

## جي طرفان سڀني وطن واسين کي جشن آزادي مبارڪ

# پيغام

پاڪستان 20 لک کان وڌيڪ شهيدن جي قربانين جي ڪري وجود ۾ آيو، انهن قربانين جو قدر ڪندي پاڪستان جي ترقي لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري محنت ڪرڻ گهرجي تہ جيئن پاڪستان مستقبل ۾ اچڻ وارين چئلينجن کي منهن ڏئي سگهي ۽ هڪ مضبوط قوم بڻجي دنيا جي سامهون اچي.

**عاشق علي ڄاموٽ**
**ناظم**

**طارق عزيز بلوچ**
**نائب ناظم**

**مسرور ميمڻ**
**ٽائون ميونسپل آفيسر**

**اطلاعات ۽ تعلقات عامہ کاتو بن قاسم ٽائون ڪراچي**

# پاڪستاني قوم کي جشنِ آزادي مبارڪ

شهري حڪومت جي نئين نظام جي 3- سالا دور ۾ ناظم احمد قاسم پاريڪ جي قيادت ۾ جمشيد ٽائون جي عوام کي بنيادي شهري سهولتن جي فراهمي لاءِ انقلابي قدم کنيا آهن.
جشن آزادي جي مبارڪ موقعي تي عوام جي چونڊيل قيادت واعدو ٿي ڪري ته عوامي خدمت جي سفر کي نه صرف جاري رکيو ويندو، بلڪ خدمت جي معيار کي بلند کان بلند ڪيو ويندو



**احمد قاسم پاريڪ**
**ناظم جمشيد ٽائون**

## جشن آزادي ..... سادگيءَ سان ملهايو

**بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي ۽ انهن سهولتن جي حفاظت ڪرڻ توهان جو فرض آهي**

ناظم جمشيد ٽائون
احمد قاسم پاريڪ
نائب ناظم جمشيد ٽائون
اشتاق احمد مجاهد

**ميونسپل ايڊمنسٽريشن جمشيد ٽائون**
**سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي**

سگهجي ٿو، ان صورت ۾ ٽڪو جيترو جلد هڻجي اوترو بهتر ٿيندو.

**ريبيز (Rabies) چتي**

ڪتي جي چڪ ڪانپوءِ اسان جيڪو ٽڪو هڻائيندا آهيون، ان کي (A.R.V) اي آر وي چئبو آهي. عمومن سڀ ڪتا چتا ڪونہ ٿيندا آهن، ان جي باوجود اسان ڪتي جي چڪ پاتل ماڻهن کي ٽڪو ضرور هڻندا آهيون، ان لاءِ اصول هن ريت آهن:

1. جيڪڏهن اها خاطري هجي تہ ڪتو چتو آهي تہ پوءِ مريض کي فورن پيٽ جي مشڪن ۾ 14 سيون ترتيب وارو روزانو لائڻ گهرجن.

2. جيڪڏهن اها پڪ نہ هجي تہ ڪتو چتو آهي تہ ڪتي کي ڳولهي ان کي ڪڙي چوڪسيءَ ۾ رکجي، جيڪڏهن ڪتي ۾ چتي ٿيڻ جون علامتون نظر اچن، جهڙوڪ جن جي ڇپ جو ٻاهر نڪرڻ، گف وهڻ ۽ ڏاڙهڻ تہ مريض کي فورن ٽڪا هڻائڻ گهرجن، اهڙو ڪتو عمومن چتي ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ هفتي اندر مري وڃي ٿو.

3. جيڪڏهن ڪتو اٺن ڏينهن تائين جيئرو رهي ٿو ۽ نہ ڪي علامتون ظاهر ڪري ٿو تہ پوءِ مريض کي ڪو خطرو ڪونهي ۽ ٽڪن هڻڻ جي ضرورت بہ پيش نہ ٿي اچي.

4. جيڪڏهن ڪتو چڪ پائڻ ڪانپوءِ هٿ نہ چڙهي ۽ غائب ٿي وڃي تہ ان صورت ۾ بچاءُ جا ٽڪا مريض کي لائڻ ضروري ٿيو پون.

گهريلو پالتو ڪتا جن کي اي آر وي جا ٽڪا لڳل هجن، ان جي چڪ پائڻ جي صورت ۾ ٽڪن جي ضرورت نہ ٿي پوي.

**ٽي آءِ بي،** (B.A.T Vaci-cine) هي ٽڪو ڪالرا ۽ مدي جي تپ جو گڏيل ٽڪو ٿيندو آهي، هي ٽڪو ان صورت ۾ ڏنو ويندو آهي، جڏهن ڪنهن علائقي ۾ هي بيماري ڦهليل هجي ۽ ان جي وبائي ڦهلاءُ جو امڪان هجي، هي ٽڪو عمر جي لحاظ کان مقدار ۾ ننڍن ٻارن کي گهٽ ۽ وڏن ٻارن کي وڌيڪ هنيو وڃي ٿو. مرض جي بچاءَ لاءِ هي ٽڪا ٽن خوراڪن ۾ چئن هفتن جي اندر ڏنا وڃن ٿا.



جشن آزادي مبارڪ جشن آزادي مبارڪ جشن آزادي مبارڪ جشن آزادي مبارڪ جشن آزادي مبارڪ

# جشن آزادي مبارڪ

# اچو!

# 14 AUGUST

آزادي واري ڏينهن جي خوشي جي موقعي تي عهد ڪريون ٿا تہ ملڪ ۽ قوم لاءِ نيڪ نيتي ۽ ايمانداري سان ڪم ڪنداسين تہ جيئن پاڪستان ترقي طرف هلندو رهي ۽ عوام خوشحال هجي.

اسين **لياقت آباد ٽائون** جي رهواسين جي طرفان وطن واسين کي 57 هين آزادي واري ڏينهن تي مبارڪباد پيش ڪليون ٿا.

**ڊاڪٽر پرويز محمود**
**ناظم**

**شهاب الدين**
**نائب ناظم**

## ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن
## لياقت آباد ٽائون

جشن آزادي مبارڪ جشن آزادي مبارڪ جشن آزادي مبارڪ جشن آزادي مبارڪ جشن آزادي مبارڪ

**عام طبي طريقن سان هن بيماريءَ جي طبي سڃاڻپ ڏکي آهي. ايستائين جو تجربيگاهن وسيلي بيماريءَ جي تپاس (Laboratory Methods) بيماريءَ جي خاطر خواهه سڃاڻپ يا تشخيص ۾ به ڪا خاص مدد نٿا ڪن. تنهن هوندي به وبائي حالتن ۾ بيماريءَ جي ڪوڇنا طور تنتي اوجن (NerveTissues) مان آٽوپسي (Autopsy) وسيلي يا ڪاڪوس جي تجربيگاهه ۾ چڪاس وسيلي يا نڙيءَ جي سدن جي صفائي ڪري حاصل ڪيل مواد جي ڪلچر (Culture) وسيلي وائرس جو ڪوج ڳولهي لهڻ جا طريقا اهميت رکن ٿا.**

پکڙجڻ دوران هن بيماريءَ ساماڻل ٿيڻ (Adulthood) جي ڪيترن ئي نوجوانن کي به متاثر ڪيو آهي.

هڪ اندازي موجب ستر ڪان اسيءَ واري ڏاڪي ۾ اهو ڏٺو ويو آهي ته هن بيماريءَ کان متاثر ٿيندڙ ماڻهن جو ٿورڙو تعداد سوسامي اثرن (Paralytic Symptoms) هيٺ آيو آهي، جن منجهان پڌريون ٿيندڙ حقيقتون، جن سرسامجڻ (Paralysis) واري عمل تي اثر ڪيو هجي، انهن مان خود وائرس جي مخصوص نوع (Strain) جي حالت ۾ (وائرس جو پنهنجو حياتياتي ڪردار (Biological Character) ۽ بيماريءَ هيٺ ايندڙ مريض (Host) جي جينياتي جوڙجڪ (Genetic Constitution)، گروپه يا حمل (Pregnaney)، توڙي ٻيا غدودي سبب (Endocrine Factors)، نڙيءَ جو روڳ (Throat Infection)، تمام گهڻي سرگرمي (Over-Exertion)، پيٽ يا هاضمي واري سرشتي جا روڳ (Intestinal Infections)، جراحي يا سرجري جي ڪري پهتل نقصان (Surgical Trauma) مثال طور ڪلين جي آپريشن (Tonsillectomy) وغيره. سرسامجڻ جا ٻئي درجي جا شريڪ اثر ليکي سگهجن ٿا.

## بيماري پکڙجڻ جو ميڪينزم:

هن بيماريءَ جي ڪوڇنا ۾ مصروف طبي مهارت رکندڙن جو اهو رايو آهي ته پوليو جي جسم ۾ داخل ٿيڻ جو مکيو دڳ (Rout of Entry) هاضمي واري سرشتي جو دڳ (Oro-Feacal) آهي. جو ته بيمار توڙي بيماري پاليندڙ جي ڪاڪوس (Faeces) ۾ وائرس کي موجود ڏٺو ويو آهي. هن وائرس جي واڌ ويجهه به آنڊن ۾ ٿئي ٿي اتان وري جسم جي ٻين حصن ڏانهن ڦهلجي ٿو. نئين تحقيق جي آڌار تي طبي ماهر هاڻي انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته هن بيماري جي پکيڙ جو ذريعو انسان آهي جڏهن ته جسم ۾ انجي پکيڙ جو دڳ اوروفيڪل پاٿ (Oro-Feacal Path) آهي.

هڪ طبي مشاهدي مطابق انساني بيماريءَ جي صورت ۾ پوليو جي حملي وقت هڪ عام قسم جي اوجي ۾ داخل ٿي. پوليو وائرس کي رت ۾ پکيڙي (Viraemia) ڇڏيندي هجي ۽ پوءِ وائرس ڪنهن خاص هنڌ تي گهر ڪري (Localized) مرڪزي تنتي سرشتي کي نقصان رسائيندو هجي. ڇو جو واسطيدار مشڪن جي سرسامجڻ ۽ پڙيسز ۾ مبتلا ٿيڻ ڪانپوءِ ئي اسان کي سڌ پوي ٿي ته بيمار ٿيل ماڻهوءَ جا تنتي گهرڙا (Nerve Cells) متاثر ٿيا آهن.

هن بيماريءَ وگهي موتن جو ڳاڻيٽو اٽڪل روءِ 10 سيڪڙو يا ان جي لڳ ڀڳ آهي جنهن جو اهم سبب ساهه کڻڻ واري سرشتي ۽ دل واري سرشتي کي ضابطي ۾ رکڻ وارا دماغي مرڪز ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن.

بيماريءَ مان اٿڻ (Recovery) جي صورت ۾ واسطيدار مشڪون سڪي (Impair) وينديون آهن جنهن ڪري بيمار دائمي طرح ڪنهن نه ڪنهن مشڪائين عيب جو شڪار ٿي پوندو آهي يا معذور ٿي پوندو آهي.

### پاڻمرادو بچاءُ (Immunity):

پوليو ٿيڻ ڪانپوءِ چڱڀلائي جي صورت ۾ جسم ۾ اندروني طور تي نهايت ئي عمدو قدرتي بچاءُ وارو پاڻمرادو سرشتو جنم پذير ٿيندو آهي، جنهنڪري ان ڪانپوءِ جسم تي بيماريءَ جي حملن جو زور گهٽجي ويندو آهي اهڙي قسم جي بيماريءَ سان پاڻمرادي مزاحمتي يا مقابلي جي قوت جو بنيادي ڪارڻ جسماني پاڻيٺ ۾ وائرس دشمن جزن اينٽي باڊيز (Anti -Bodies) جي موجودگي هوندو آهي جيڪي جسم جي سڄي نظام ۾ داخل

**مريض جي دل يا ساهه کڻڻ واري سرشتي ۾ پيچيدگي پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ مناسب دوائن سان مريض جو بروقت علاج ضروري آهي ۽ ضرورت آهر ڪنهن به هنگامي صورتحال جو ترت متبادل اختيار ڪرڻ ضروري آهي. جهڙوڪ ساهه ۾ مونجهه جي صورت ۾ هٿراڌو طريقي سان ساهه جي بحالي وغيره. پوليو جي مريض کي جسم ۾ سخت سور پوندو آهي جنهن کي گرم پاڻي جي ٽڪور يا سيڪ سان ختم ڪرڻ گهرجي يا هلڪي/ تيز بخار جي حالت ۾ بخار ۽ سور لاهيندڙ ڪا به مناسب اينلجيسڪ دوا استعمال ڪرائي سگهجي ٿي پر ڪنهن به صورت ۾ مريض کي آرام ڏيندڙ نشي واريون دوائون خاص ڪري آفيمي اثر رکندڙ دوائن (Opiates) کان پاسو ڪرايو وڃي.**

ماڻهوءَ کي چڪ هڻن جنهن کي مليريا جي بيماري هجي ان جي رت سان گڏ مليريا جا جراثيم (پلازمو ڊيرا) بہ مڇر جي جسم ۾ هليا وڃن ٿا جڏهن تہ مڇر ڪنهن نئين ماڻهو کي چڪ پائن ٿا تہ انهن جسم ۾ موجود پلازموڊيم ان نئين فرد جي جسم ۾ داخل ٿي وڃن ٿا ۽ ان ۾ مليريا ٿيڻ جو سبب بڻجن ٿا.

مليريا جو بهترين علاج اهو آهي تہ ان کان بچيو وڃي. پنهنجي گهر ۽ آس پاس گندي پاڻي کي جمع ٿيڻ نہ ڏجي. جيڪڏهن پاڻي جمع ٿيڻ جي مسئلي کان ڇوٽڪارو ممڪن نہ هجي تہ ان پاڻيءَ تي گاسليٽ هاريندا رهو، جيئن ان تي مڇر پرورش نہ وٺي سگهن. گهر اندر بہ اهڙين لڪيل جاين يا ڪٻاڙي سان ڀريل جاين جتي عام مڇر گهر ناهي وٺن ٿا انهن جي صفائي ڪندا رهو. ڪٻاڙي ڪچري کي جمع ٿيڻ نہ ڏيو بلڪ وقت سان گڏ ضايع ڪندا رهو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙين جاين تي بہ اسپري ڪندا رهو.

مليريا جي علامتن ۾ سڀ کان اول هڪدم ۽ تمام تيز بخار آهي عام طرح سيءَ سان بخار اچي ٿو. بخار ڪافي بلند درجي تي پهچي واپس اچي ٿو ۽ ڪجهہ وقفي ڪانپوءِ وري اچي ٿو. ان سان گڏ عام طور مٿي ۽ چيلهہ ۾ سور بہ ٿئي ٿو ۽ بيحد ڪمزوريءَ جو احساس ٿئي ٿو. بخار کان علاوه ٻين عام بخارن جي عام علامتن جيئن ڳلي ۾ سور، ڪنگهہ، نزلو، دست، پيٽ ۾ سور وغيره نہ ٿين (پيٽ ۾ سور ۽ الٽي جي شڪايت ڪڏهن ڪڏهن مليريا ۾ ٿي سگهي ٿي.

ڊاڪٽر بہ معائنو ڪرڻ ڪانپوءِ اهو ٻڌائي ٿو تہ بخار کان علاوه ڪجهہ ڪونهي ان تڪليف ۾ دوا ضرور استعمال ڪرڻ گهرجي، سڀ کان موثر ۽ مفيد دوا اڄ بہ ڪلورو ڪوئين آهي پر ڪافي علائقن ۾ اهڙو مليريا ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو صرف ڪلوروڪوئين سان ٺيڪ نٿو ٿئي، اهڙين حالتن ۾ ڪجهہ دوائن تي مشتمل Combination يا مليريا جون نيون دوائون استعمال ڪرائجن.

**اهو جراثيم چمڙي ۾ رهي ٿو ۽ چمڙي ذريعي هڪ کان ٻئي ڏانهن منتقل ٿئي ٿو. هٿن، پيرن جي آڱرين جي اندروني حصن، بغلن، رانن جي اندر ۽ پيٽ جي هيٺين حصي کي گهڻو متاثر ڪندڙ هن جراثيم جي ڪري ننڍا ننڍا ڳاڙها داڻا ٿي پون ٿا جن ۾ شديد خارش هجي**

## چمڙي جون بيماريون:

چمڙي اسان جي جسم تي هڪ حفاظتي غلاف آهي ماحول ۾ عام طور لڏا ويندڙ نقصانده عنصر ان جي ڪري جسم جي اندر داخل نٿا ٿين ۽ اسان بيماري کان محفوظ رهون ٿا. انهن عنصرن ۾ جراثيم، الرجي ڪندڙ جزا ۽ مختلف ڪيميائي مرڪب شامل آهن. چمڙي ذريعي اهو بچاءُ تڏهن ممڪن آهي جڏهن اها پوري جسم تي موجود هجي جيڪڏهن اها ڪنهن بہ جاءِ تان ڪٽيل يا ڦاٽل يا ان تي هلڪو زخم بہ اچي تہ بيماري ڪندڙ جزن کي اتان جسم اندر داخلا جو موقعو ملي وڃي ٿو. اهڙي صورت ۾ عام طور چمڙي ئي سڀ کان اڳ متاثر ٿئي ٿي يا سمجهوتہ چمڙي پاڻ اها مشڪل برداشت ڪري اندروني عضون کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

برسات جي موسم ۾ گهر گهٽي هجي ٿي، جنهن ڪري پگهر بہ گهڻا اچن ٿا ۽ ماحول جي موزونيت ڪري جراثيم تيزيءَ سان وڌن ويجهن ٿا خاص طور جسم جا اهي حصا جتي هوا گهٽ لڳي ٿي جيئن بغل يا رانن جي اندر جي جاءِ ڳچي جو حصو ۽ پير جي آڱرين جي وچين جاءِ ۾ جراثيم جي پرورش وٺڻ ۽ بيماري ڪرڻ جا امڪان گهڻا هجن ٿا. اهڙي طرح اهي جڳهيون جتي وار گهڻا آهن يا جتي چمڙي ۾ سٽپ پيدا ڪندڙ غدود ( Sebaceoes glads) گهڻا آهن اتي بہ انهن جراثيمن جي گهر ناهڻ ۽ انفيڪشن ڪرڻ جا ڪافي امڪان هجن ٿا.

برسات جي موسم ۾ چمڙي جا بہ مسئلا گهڻا نظر اچن ٿا. هڪ جراثيمن ڪري چمڙيءَ تي داڻا (Skin Infection) ۽ ٻي متعدي خارش جنهن کي Scabies چئجي ٿو.

**چمڙي تي داڻا:** چمڙيءَ تي زخم، صفائي جو خيال نہ رکڻ، گهٽي ڪمزوري، ذيابيطس، اهڙا ڪاسميٽڪس استعمال ڪرڻ جيڪي چمڙي جي مسامن کي بند ڪري ڇڏيندا هجن، رهڙ لڳڻ، ڪيميائي مادن جو جسم تي لڳندو رهڻ، اسٽيرائيڊز جو استعمال ۽ چمڙي جي ڪنهن تڪليف لاءِ ڪول تار جو استعمال وغيره، جهڙن عملن



جي نتيجي ۾ سامهون اچن ٿا. گهڻو ڪري اهي ٻارن جي مٿي، ٻانهن ۽ ٽنگن ۽ وڏي عمر جي ماڻهن ۾ شيو واري جاءِ ۽ اکين جي پنبڙين تي نمودار ٿين ٿا. جيڪڏهن اهي داڻا ٿوري گهرائي ۾ ٿي پون ته انهن ۾ ڪافي سور ٿئي ٿو، پر آخر ۾ ڦاٽي پون ٿا ۽ انهن ۾ گند وانگر مواد نڪري ٿو ان سان گڏ ئي سور به ختم ٿيو وڃي، ان جو علاج اهو آهي جو چمڙي جي سٺائي صفائي جو خاص خيال رکيو وڃي، جيئن داڻا نڪرن ئي نه، جيڪڏهن نڪرن ته متاثره چمڙي کي صابڻ ۽ پاڻي سان سٺي نموني صاف رکيو وڃي ۽ ان تي گرم پاڻي ۾ پيگل ڪپڙي جي ٽڪور ڪئي وڃي جيئن گند نڪرڻ ۾ آساني ٿئي. داڻن يا زخم تي دوا هڻڻ يا کائڻ واري دوا استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڊاڪٽر کي ڪرڻ گهرجي.

## چمڙي جي خارش

(Scabies): به تمام موسمن جو مسئلو آهي، پر برسات جي موسم ۾ گهڻو وڌي وڃي ٿو اهو هڪ جراثيم Sarcoptes Sca- bies سان ٿيڻ واري تڪليف آهي، جيڪا انسان جي جان کي عذاب ۾ وجهي ڇڏي ٿي. اهو جراثيم چمڙي ۾ رهي ٿو ۽ چمڙي ذريعي هڪ کان ٻئي ڏانهن منتقل ٿئي ٿو. هٿن، پيرن جي آڱرين جي اندروني حصن، بغلن، رانن جي اندر ۽ پيٽ جي هيٺئين حصي کي گهڻو متاثر ڪندڙ هن جراثيم جي ڪري ننڍا ننڍا ڳاڙها داڻا نهي پون ٿا جن ۾ شديد خارش هجي ٿي. هونئن ته ڏينهن ۾ به خارش هجي ٿي پر رات جو خارش وڌي وڃي ٿي. ٻارن جي داڻن ۾ گند به پئجي وڃي ٿو ان ڪري ڪريم ۽ لوشن جي صورت ۾ دوا دستياب آهي. گهڻي اهم ڳالهه اها آهي ته دوا وهنجي گردن کان هيٺ تمام جسم تي لڳائجي ۽ بعد ۾ غير استعمال شده ڪپڙا پهريا وڃن ۽ بيماريءَ دوران جيڪي ڪپڙا، ٽوال، بستري جون چادرون وغيره استعمال ڪيل هجن انهن کي هڪ دفعو گرم پاڻي ۾ ڌوتو وڃي.


# سلام پاڪستان

## ستونجاهون آزادي جو ڏينهن

## مليريا جي روڪٿام ڪريو زندگي بچايو

ٿورا:

## ڊائريڪٽوريٽ آف مليريا ڪنٽرولر پروگرام سنڌ حيدرآباد

انفرميشن/ ڪي آر واءِ - نمبر 1955

يوم آزادي مبارڪ

نئين بلدياتي نظام جي

ٽين سالگره مبارڪ

# پاڪستان پائنده باد

چا اسين مهذب شهري هجڻ جي حيثيت سان فرض بجا آڻي رهيا آهيون
پنهنجو فرض سڃاڻو ۽ قائد جي شهر جو حق ادا ڪيو.

يقينن پاڪستان جي سڀ کان وڏي شهر جو حق اهو آهي ته ان کي نه رڳو نفرتن کان پاڪ ڪجي پر گندگي ۽ غلاظت کان به پاڪ رکيو وڃي.

* گند ڪچرو ٻاهر گهٽيءَ ۾ نه اڇلايو * ديوارن تي چاڪنگ نه ڪريو * وڻن ۽ ٻوٽن کي نقصان نه پهچايو * رستن تي غلاظت ۽ گندگي نه اڇلايو * ناجائز قبضي کان پرهيز ڪيو.

## 3 سال ڪارڪردگي تي هڪ نظر

* بلاڪ 18- ۾ باغ سمن ماڊل پارڪ جو قيام جيڪو ڪراچي جي سڀني ٽائونن ۾ منفرد اهميت رکي ٿو *بيوٽيفيڪيشن پروگرام تحت ڪريم آباد، طاهر ولا، يو بي ايل، سهراب ڳوٺ، گلشن شميم، واٽر پمپ، مڪا چوڪ تي فلائي برج * جمالياتي زوق کي اجاگر ڪرڻ جي سلسلي ۾ خوبصورت ۽ دلڪش ڦوهارا * پارڪس، گرين بيلٽس، آءِ لينڊ جي واڌ ويجهه جي سلسلي ۾ ڪوششون، رستن جي ڪنارن ۽ وچ ۾ خوبصورت آءِ لينڊ، منصوره گرائونڊ، سنگم گرائونڊ، ايچ اي ايف گرائونڊ تي فلڊ لائيٽن لڳائڻ جو ڪم، افغاني گرائونڊ، ٽي گرائونڊ، جناح گرائونڊ تي لائيٽنگ سسٽم جي درستگي، يو بي ايل ڪمپليڪس کان ڪيفي پيالا تائين ڪراس پول لائيٽنون رات جو دلڪش منظر پيش ڪن ٿيون. ڪچين آبادين ۾ ترقياتي ڪم ۽ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ موثر اقدامات * ڪليل برساتي نالن تي گرين آءِ لينڊ جي تبديلي * گلبرگ ٽائون جي يونين ڪائونسلن عزيز آباد، ڪريم آباد، عائشه منزل، انچولي، نصيرآباد، ياسين آباد، واٽر پمپ، شفيق مل، ڪالوني ۾ ترقياتي ڪم منفرد اهميت وارو آهي. * گلبرگ ٽائون جي مرڪزي شاهراهن اندروني گلين ۽ رستن تي يونين ڪائونسل جي ناظمن جي تعاون سان 5,30,80,038 رپيا خرچ ڪيا ويا * خاص انتظامن تحت ڏينهن جو به دفعا هر علائقي جي صفائي جو انتظام * نئين بلدياتي نظام جا شروعاتي ڏکيا مرحلا توهان جي تعاون سان حل ٿيا.

توهان شاهد رهجو نئين بلدياتي قيادت 14- آگسٽ 2001 تي قسم کنيو هو، ان قسم جي پاسداري ڪندي اسان عوام جي خدمت بغير ڪنهن لالچ جي ڪئي.

اڄو جشن آزادي ۽ بلدياتي نظام جي ٽئين سال جي پوري ٿيڻ تي ان عزم جو ورجاءُ ڪريون ته پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ گلبرگ ٽائون جي روشن رستن لاءِ ..... هڪ صحت مند معاشري جي تعمير لاءِ اسان جو ساٿ ڏيو.

توهان سڀني جي تعاون سان ئي گلبرگ ٽائون کي خوبصورت، منفرد ۽ مثالي ٽائون بڻائي سگهجي ٿو.

## فاروق نعمت الله
## ناظم - گلبرگ ٽائون

## قدم ـــــ قدم تي اوهان سان گڏ ـــــ گلبرگ ٽائون ڪراچي

# 14- آگسٽ 2004 - آزاديءَ جو ڏينهن

آزاديءَ جو ڏينهن ملهائڻ لاءِ اسين پوري قوم سان گڏ آهيون. هي ڏينهن ان عزم جي ياد ڏياري ٿو جيڪو 23 مارچ 1940ع تي ڪيو ويو هو.

ان ڏينهن قائداعظم محمد علي جناح جي سربراهي ۾ 14 آگسٽ 1947 تي پاڪستان حاصل ٿيو.

وقت جي تقاضا آهي تہ اسين پنهنجا سمورا وسيلا ڪتب آڻي ترقياتي منصوبن کي ڪامياب بڻايون، جن لاءِ عوام جا نمائندا ڪوشش ۾ آهن.

پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن اسين عهد ٿا ڪريون تہ اسين پاڪستان جي ترقي ۽ تعمير ۾ڀرپور شرڪت ڪنداسين.


## پاران

**غلام مرتضيٰ بلوچ**
**ناظم**
**گڏاپ ٽائون**

**عبدالستار جوکيو**
**نائب ناظم**
**گڏاپ ٽائون**

**حاجي غلام شبير جتوئي**
**ٽائون ايڊمنسٽريشن آفيسر**
**گڏاپ ٽائون**

**ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن گڏاپ -18**

# لاولاد والدين ڇا ٿا سوچين

ڊاڪٽر نثار علي شاهه

**اولاد** قدرت طرفان هڪ انمول نعمت آهي پر اولاد صالح ناهي ته هڪ عجيب عذاب آهي جنهن جو اظهار به نٿو ڪري سگهجي. بهرحال هن دنيا ۾ انسان جو جمڻ ته هڪ نعمت آهي پر اهو ساڳيو انسان وري پاڻ به ڪنهن کي جنم ڏئي ته اهڙو احساس سُپر نعمت آهي. دنيا ۾ ڪوبه ماڻهو ٻار نه ڄڻي سگهي ته ان جهڙو خاموش ڪائيندڙ ڪو عذاب ناهي. ماڻهن کي ان جي ڄاڻ ناهي. خاص ڪري عورت اهڙي عذاب مان زياده گذري ٿي ڇاڪاڻ ته هوءَ فطري طور تخليقي فرد آهي. ٻار نه ٿيڻ ڪري عورت جيڪو تخليقي عذاب ڀوڳي ٿي انجو احساس صرف عورت ئي سمجهي سگهي ٿي. اهوئي سبب آهي جو جيڪي جوڙا ٻارن جي نعمت کان محروم آهن اهي اڪثر بيحد حساس ۽ سماجي يا سوشل ميل ميلاپ کان پري رهندا آهن. شادي جي ڪجهه سالن بعد تائين انهن تي شديد اثرات نه پوندا آهن پر پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، هو مختلف نفسياتي مسئلن مان گذرڻ شروع ڪندا آهن جيڪو برداشت کان ٻاهر ٿيندو ويندو آهي. ڪن ماڻهن کي ايڏو اولاد هوندو آهي جو بيزار هوندا آهن ته ڪي وري باقاعدي سڪندا رهن ٿا ته رڳو هڪ ٻ ٿا ته رڳو هڪ ٻار به ڄمي اولاد هجڻ ۽ نه هجڻ جا ڪوڙ طبي پس منظر آهن. پر سڀ کان اڀريل مسئلو اولاد جو نه هجڻ سماجي ۽ نفسياتي آهي. پبلڪ ۾ انجو اميج هميشه اهوئي رهيو آهي ته انجو سڄو سارو قصور عورت ڏي ٿو وڃي. اهڙا ڪوڙ سماجي داغ (Stigmas) ويچاري عورت مٿان لڳايا وڃن ٿا. ايستائين جو ٻي شادي ۽ ٽين شادي به ڪئي ٿي وڃي. مردن کي به اهو هڪ بهترين بهانو ملي ٿو وڃي. پر اهو پراڻو دور هئو، جڏهن هر ڏوهه عورت مٿان ڏنو ويندو هئو. هاڻي ميڊيڪل سائنس ترقي ڪري وئي آهي. سنڍپڻ جا مڪمل سبب ڳولي لڌا ويا آهن.

جديد ريسرچ مان پتو پيو آهي ته رڳو عورتون سنڍپڻي جون ذميوار ناهن، مرد به انجو شڪار ٿي سگهن ٿا بلڪ 40 سيڪڙو Male Infertitlity يعني مرداڻو سنڍپڻو ڏنو ويو آهي. اهو ڪڏهن به نه ڏنو ويو آهي ته ڪنهن عورت اولاد نه ٿيڻ ڪري ٻي شادي ڪئي هجي. اهو ايڏو وڏو جنسي تضاد اسان جي معاشري ۾ ڇو آهي؟! ۽ آخر ڪڏهن ختم ٿيندو.....! اڄ جي جديد دور ۾ سنڍپڻي



جو علاج به ڪيو ٿو وڃي. ڪراچيءَ ۾ ان جا ٻه ٽي اعليٰ درجي جا سينٽر کُلي چڪا آهن جيڪي باقاعدي رپورٽون ڪرائي ۽ پوءِ سائينٽيفڪ طبي علاج ڪن ٿا. جيئن Acimc(آسٽريلين ڪنسيپٽ انفرٽلٽي ميڊيڪل سينٽر)، ۽ Concept Birds Medical Centre وغيره جهڙا ادارا ڪم ڪري رهيا آهن. ڪن ماڻهن جا Spermsصحيح معنيٰ ۾ فرٽلائيز نه ڪري سگهندا آهن. انهن جي شڪتي عمر گذرڻ سان گهٽبي وڃي ٿي پر اهو ضروري ناهي ته هو Ova سان ملڻ جي قابل ناهن. Ova زنانه بيضا ٿين ٿا جيڪي جڏهن نڪرن ٿا ته ان کي اوويُوليشن چئبو اهي. اهي فيلو پين نالين ذريعي ٻچيدان ۾ پهچن ٿا. نالين ۾ ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ هجڻ ڪري Ovaٻچيداني تائين پهچڻ کان محروم ٿي وڃن ٿا جنهن ڪري ٻار نه ٿي سگهندو آهي. ان جا ڪوڙ ٻيا سبب به ٿي سگهن ٿا جيئن هارمونس ۽ ڄائي ڄم جا نقص وغيره. مردن ۾ عام سبب مرداڻن جُزن (Sperms) جو ڳاڻاٽو آهي جيڪي نارمل سطح تي 20 کان 80 ملين تائين ٿين ٿا. جيڪڏهن اسپرم گهٽ آهن ته ان کي Oligo Spermiaچئبو آهي. ان ۾ ٻار جو ٿيڻ ئي مشڪل ٿي پوندو آهي. پر جيڪڏهن Spermsٿيڻ ئي بند ٿي وڃن ته ان کي Azo Spermiaچئبو آهي. هن ۾ اولاد جو ٿيڻ ناممڪن آهي اهڙي نموني

اهو پراڻو دور هئو. جڏهن هر ڏوهه عورت مٿان ڏنو ويندو هئو. هاڻي ميڊيڪل سائنس ترقي ڪري وئي آهي. سنڍپڻ جا مڪمل سبب ڳولي لڌا ويا آهن. جديد ريسرچ مان پتو پيو آهي ته رڳو عورتون سنڍپڻي جون ذميوا ناهن. مرد به انجو شڪار ٿي سگهن ٿا بلڪ 40 سيڪڙو Male Infertitlity يعني مرداڻو سنڍپڻو ڏنو ويو آهي. اهو ڪڏهن به نه ڏنو ويو آهي ته ڪنهن عورت اولاد نه ٿيڻ ڪري ٻي شادي ڪئي هجي. اهو ايڏو وڏو جنسي تضاد اسان جي معاشري ۾ ڇو آهي؟! ۽ آخر ڪڏهن ختم ٿيندو.....!

**جيڪڏهن اولاد نہ ٿو ٿئي ۽ فزيڪلي توهان فٽ آهيو تہ هرگز مايوس نہ ٿيو. پنهنجو پاڻ کي مطمئن رکڻ جي ڪوشش ڪيو. ان لاءِ جديد نموني علاج ڪرائڻ جي ڪوشش ڪريو. ڏُکي بازي يا Quackery نقصان ڪرائي سگهي ٿي. حڪيمن جي ڪُشتن وغيره ۾ ڪي Toxic عنصر ٿي سگهن ٿا جيڪي مرداڻي اسپرم ڪائونٽ کي فائدي بجاءِ نقصان ڏيئي سگهن ٿا. پورو آرام ۽ متوازن غذا اپڻ اسپرم ڪائونٽ وڌائڻ ۾ اهم رول ادا ڪن ٿا.**

اسپرم جو نہ صرف ڪائونٽ اهم آهي بلڪ انهن جي ڦُڙتائي ۽ موٽلٽي بہ اوتري ئي اهم آهي. مردن ۾ سيڪسوئل ڊس آرڊر جي بہ اهميت هوندي آهي. ان ڪان علاوه مردن ۾ خصيا Testes جيڪڏهن صحيح طور ڊولپ ناهن تہ ان کي Hypogonadism چئبو آهي چاڪاڻ تہ اسپرم جو ڪارخانو Semniferous نليون هونديون آهن. اتان ٽيسٽو اسٽيرون Testosterone هارمون نهندو آهي. ٻيا هارمون پٽيوٽري غدود مان FSH ۽ H.L خارج ٿيندا آهن. هي هيو مختصر جائزو تہ اولاد نہ ٿيڻ جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا. مردن ۾ سماجي رتبو زياده هجڻ ڪري هر وقت مردانگي هجڻ ۽ نہ هجڻ جو ڀُوت سوار هوندو آهي. هو پنهنجو پاڻ کي وڏو معتبر ۽ مڙس ماڻهو سمجهندو آهي. اولاد نہ ٿيڻ سان هن جي مردانگي چئلينج ٿي پوندي آهي جنهن ڪري اڪثر مرد (Males) پنهنجو چيڪ اپ ڪرائڻ کان لنوائيندا آهن چاڪاڻ تہ اڄڪلهہ جديد طبي دور ۾ انيڪ ٽيڪنڪ ايجاد ٿي چڪيون آهن ۽ مرد ڊڄندو آهي تہ ڪٿي هن جي ڪچي نہ ٿئي. بهرحال فرٽلٽي لاءِ چيڪ اپ ٻنهي جو ٿيڻ گهرجي. مردن توڙي عورتن جي جيڪڏهن اولاد نہ ٿيڻ جو سبب ڪو مڪينيڪل يا بايولاجيڪل آهي تہ ان جي ختم ٿيڻ بعد ڪهڙي بہ عمر ۾ اولاد ٿيڻ جا مواقع آهن. اهڙو مثال تازو ڪراچيءَ Acims ۾ هڪ شخص جو 28 سالن بعد اولاد ٿيو آهي. هن سان اسپرم ڪائونٽ جو مسئلو هئو. علاج بعد هن کي اولاد ٿي ويو. ان جي لاءِ تحقيقات بعد پتو پيو آهي تہ 90 سيڪڙو علاج ممڪن آهي. ۽ ان لاءِ پبلڪ Awareness تمام ضروري آهي. اڪثر بي اولاد ماڻهو غير سند يافتہ ڊاڪٽرن جي وَرِ چڙهي وڃن ٿا ۽ پوءِ اجا بہ زيادہ مايوس ٿين ٿا. ان ڪان علاوه حڪيمن پيرن ۽ فقيرن ڏي بہ وڃن ٿا ۽ پنهنجو عقيدو ۽ پئسو خراب ڪن ٿا. اولاد نہ ٿيڻ جو سبب ماحوليات بہ آهي جنهن ۾ پوليوشن، زرعي دوائن (Pesticide) جو بي انتها استعمال ۽ انجا زهريلا اثرات، سگريٽ نوشي ۽ شراب جا انتهائي اگرا نتيجا نڪرن ٿا. ان ڪان علاوه ننڍي هوندي (ڪچي عمر ۾) ڪو ڀيانڪ جنسي حملو ٿيل هجي (ريپ وغيره) خاص طور ڇوڪرين ۾ يا وري ڪو ڪرانڪ انفيڪشن وغيره ٿيو هجي. حقيقت ۾ انفرٽلٽي خود بہ هڪ ڪرانڪ بيماري آهي جيڪو هڪ سماجي عذاب آهي، ان ڪري ڪافي عورتون تہ ڊپريشن جو شڪار بنجي وڃن ٿيون.

ڪراچي ۾ انساني (Human) فرٽلائيزيشن جا نوان نوان مرڪز کلي ويا آهن، جن ذريعي تحقيقات سان گڏوگڏ علاج بہ ٿئي پيو. ٻي ٽيسٽ ٽيوب وارو تجربو هاڻي ڇڻ پراڻو ٿي ويو آهي جنهن کي ICSI (Intra eyto Plasmic Spermic Injection) چئبو آهي. شروع ۾ ان تي ڏاڍو گوڙ ڪيو ويو ۽ مذهب کي ملوث ڪيو ويو. پاڪستان ۾ پهرين ٽيسٽ ٽيوب بي بي "مهڪ" پيدا ٿي. ايڏي وڏي تجربي ڪانپوءِ انتهاپسند ڪٽر مذهبي ماڻهن بہ ماٺ ڪٽي ڪئي ۽ بي اولاد ماڻهن جي ڇڻ الله ٻڌي. اهڙي نموني اٽڪل 400 ٻار (Babies) لا اولاد جوڙن کي ملي چڪا آهن، جنهن جو ڪريڊٽ ڪنسيپٽ ميڊيڪل سينٽر ڏي وڃي ٿو، جيڪو 1998 ۾ شروع ڪيو ويو، جنهن هيومن اسپرم کي فريز ڪرڻ جي جديد ٽيڪنالوجي متعارف ڪرائي.

نئي سر فريز ٽيڪنالوجيءَ ڪافي تحقيقاتي ڪم بعد ٻڌايو تہ انفر ٽلٽي (خاص طور مردن ۾) هارمون جي گڙٻڙ، ڪرانڪ بيماريون، Pelvic Infl-)PID (lamatory Disease انفيڪشن ريپروڊڪٽو ايناٽامي ٽراما ۽ رڪاوٽ سان گڏ ڪجهہ سيڪسوئل مسائل پڻ عارضي يا مستقل لا اولادي ڪرائي سگهن ٿا. جيڪڏهن اولاد نہ ٿو ٿئي ۽ فزيڪلي توهان فٽ آهيو تہ هرگز مايوس نہ ٿيو. پنهنجو پاڻ کي مطمئن رکڻ جي ڪوشش ڪيو. ان لاءِ جديد نموني علاج ڪرائڻ جي ڪوشش ڪريو. ڏکي بازي يا Quackery نقصان ڪرائي سگهي ٿي. حڪيمن جي ڪشتن وغيره ۾ ڪي Toxic عنصر ٿي سگهن ٿا جيڪي مرداڻي اسپرم ڪائونٽ کي فائدي بجاءِ نقصان ڏيئي سگهن ٿا. پورو آرام ۽ متوازن غذا پڻ اسپرم ڪائونٽ وڌائڻ ۾ اهم رول ادا ڪن ٿا. ان ڪري اولاد ڏيارڻ وارن غير طبي ٺڳن ڪان بچڻ گهرجي. جيئن ڪي نام نهاد مذهبي اڳواڻ گوڏي مان پٽ ڏياريندا آهن يعني اولاد ۾ بہ پٽ اعليٰ مقام ٿو رکي. اهڙن طلسمي پيرن بہ گوڏي مان



# انجيڪشن دوست يا دشمن؟

مترجم زاهد ڏاريجو

**عام طور تي اهوئي سمجهيو ويندو آهي ته بيماريءَ جي حالت ۾ جيڪڏهن انجيڪشن هڻائي وڃي ته اها گورين ۽ شربت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اثر ڏيکاري ٿي. اهو به هڪ عام مشاهدو آهي ته اسپتالن يا طبي مرڪزن ۾ جتي ڊاڪٽر معمولي تڪليف جي حالت ۾ مريضن کي انجيڪشن/سئي هڻائڻ جي صلاح ڏيئي انجو غلط استعمال ڪندا آهن. اتي مريض پاڻ به ڊاڪٽر کي کين انجيڪشن هڻڻ لاءِ چوندا آهن. اهڙين حالتن ۾ ورلي جيڪڏهن مريضن کي سئي نه هڻئي وڃي ته مريض مطمئن ناهي ٿيندو. ان سلسلي ۾ محمد عارف بٽ، ايسوسيئيٽ ايڊيٽر؛ صارفين اور صحت؛ جيڪا دلچسپ معلومات گڏ ڪئي آهي. اها توهانجي معلومات لاءِ پيش ڪجي ٿي.**

## انجيڪشن (سئي) ڇا آهي؟

سرنج جي سئي رستي، جسم ۾ دوا پهچائڻ واري عمل کي انجيڪشن هڻڻ سڏيو ويندو آهي. عام رواجي حالتن ۾ ڪنهن مريض کي انجيڪشن هڻڻ ضروري ناهي سمجهي ويندي، جڏهن هروڀرو يا غير ضروري طور تي انجيڪشن هنئي وڃي ته اها مريض لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهندي آهي. انجيڪشن هڻڻ هڪ مهارت جو ڪم آهي ۽ اهڙي مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ خاص سکيا ڏني ويندي آهي. انجيڪشن هڻڻ لاءِ جسم جي صحيح هنڌ جي چونڊ ڪرڻ ۽ انجيڪشن اصول مطابق هڻڻ به اهڙيون بنيادي ڳالهيون آهن جن جي اختيار ڪرڻ سان ئي انجيڪشن رستي لڳندڙ ۽ جسم ۾ پهچندڙ دوا مؤثر ثابت ٿي سگهي ٿي. انجيڪشن غلط طريقي سان هڻڻ سبب انجا ڪهڙا نقصان پيدا ٿي سگهن ٿا، اهو سمجهڻ کان اڳ ضروري آهي ته، طبي علاج ۾ انجيڪشن هڻڻ جي ضرورت ڇو ٿي محسوس ڪئي وڃي ۽ انجا ڪهڙا فائدا آهن، تن جو ذڪر ڪجي.

## انجيڪشن تڏهن هڻڻ گهرجي

☆ جڏهن دوا ڪنهن اهڙي قسم جي هجي جيڪا انجيڪشن کانسواءِ ڪنهن به ٻيءَ صورت ۾ ڏئي نه سگهبي هجي. ڪيتريون اهڙيون دوائون جيڪي جڏهن گورين يا شربت جي صورت ۾ ڏنيون وينديون آهن ته اهي سؤ سيڪڙو بي اثر ثابت ٿينديون آهن. خاص طور تي انسولين دوا جيڪي رڳو ذيابيطس جي مريضن کي ڏني ويندي آهي جڏهن گورين جي صورت ۾ ورتي وڃي ته مڪمل طور تي ضايع ٿي وڃي ٿي.

☆ مريض ذهني يا جسماني طور تي اهڙيءَ حالت ۾ هجي جڏهن علاج جو ٻيو ڪو طريقو اختيار ڪري نه سگهجي يا ڏکيو ٿي پيو هجي جهڙوڪ جڏهن مريض سخت زخمي يا بيهوش ٿي ويو هجي.

☆ اهو ضروري ٿي پيو هجي ته دوا مريضن تي پنهنجو ترت اثر ڏيکاري ۽ ائين عام طور تي هنگامي حالتن ۾ ڪيو ويندو آهي.

☆ مريض دوا ڪائڻ يا پيئڻ جي حالت ۾ معدي جي خرابيءَ يا الٽيءَ وغيره جي شڪايت محسوس ڪري.

☆ آپريشن ڪرڻ لاءِ جسم جي ڪنهن حصي کي سن ڪرڻ ضروري هجي.

☆ جسم جي ڪنهن خاص حصي تي، دوا جو اثر پيدا ڪرڻو هجي.

## انجيڪشن مقبول ڇو آهي؟

عام ماڻهو انجيڪشن هڻائڻ وڌيڪ پسند ڪري ٿو. سڄيءَ دنيا خاص طور تي غير ترقي يافته ملڪن ۾ انجيڪشن هڻڻ ڪانپوءِ انجي طلسمي اثرن پيدا ٿيڻ ۽ بيمارين کي ختم ڪرڻ جي اثرن جو ذڪر ڪيو ۽ ان تي انڌو اعتماد ڪيو ويندو آهي. اهي ڳالهيون، انهن حقيقتن جو ثبوت آهن ته انجيڪشن جي تصور کي عوام جي ذهن ۾ ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. انجيڪشن ناهيندڙ ڪمپنين کي بي حساب فائدو ٿئي ٿو اتي علاج ڪندڙ کي به، جڏهن ته انجيڪشن جي مقبول هجڻ جو ڪجهه سچ به آهي، اهو ڪيئن؟ انجو هتي ٿورڙو ذڪر ڪنداسين ان سسلي ۾ ايچ وي وائيٽ انجيڪشن جي مقبول ٿيڻ جو جيڪو دڪر ڪيو آهي اهو

جڏهن دوا ڪنهن اهڙي قسم جي هجي جيڪا انجيڪشن کانسواءِ ڪنهن به ٻيءَ صورت ۾ ڏئي نه سگهبي هجي. ڪيتريون اهڙيون دوائون جيڪي جڏهن گورين يا شربت جي صورت ۾ ڏنيون وينديون آهن ته اهي سؤ سيڪڙو بي اثر ثابت ٿينديون آهن. خاص طور تي انسولين دوا جيڪي رڳو ذيابيطس جي مريضن کي ڏني ويندي آهي جڏهن گورين جي صورت ۾ ورتي وڃي ته مڪمل طور تي ضايع ٿي وڃي ٿي.

تي بيمارين جا جيوڙا موجود هجن، وڏن جي پيٽ ۾ ٻارن کي وڌيڪ ۽ سنگين خطرن ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿي.

شروعاتي سالن ۾ ٻارن کي ڊائريا/ دستن جي بيماري ٿيڻ جو خطرو رهي ٿو. ان بيماريءَ جو سستي ۾ سستو ۽ موثر علاج ڪين پيئڻ لاءِ لوڻيو پاڻياٺ ڏيڻ آهي ته جيئن منجهن جسم ۾ لوڻ ۽ پاڻيءَ جي کوٽ جي پورائي ٿي سگهي. هڪ اڀياس مطابق، اسانجي طبي مرڪزن ۾، هن قسم جي شڪار اڌ کان مٿي بيمار ٻارن کي نمڪول يا ڪو مشروب ڏيڻ بجاءِ انجيڪشن هنئي ويندي آهي.

## روائتي حڪمت ۽ انجيڪشن

انجيڪشن جي بيماري خلاف علاج ۽ اثر بابت اسانجو اعتقاد ۽ ايمان ايترو ته مضبوط ٿي چڪو آهي جو هاڻي ته، علاج جي ديسي ۽ روائتي طريقن ۾ به انجو استعمال ٿيڻ لڳو آهي ۽ حڪيم به انجيڪشن جو استعمال ڪندا رهن ٿا. ڪيترائي جعلي ۽ بيمارين لاءِ ٽوٽڪا ڏيندڙ ۽ جادو رستي علاج ڪندڙ پير فقير به انجيڪشن جو سهارو وٺي رهيا آهن، نه رڳو ايترو پر اها به خبر پئي آهي ته، ڪيترن اهڙن هنڌن تي، جتي مختلف قسمن جي معجون ۽ تعويذن وغيره رستي بيمارين جو علاج ڪيو وڃي ٿو، اتي انجيڪشن ۾ دم ڪيل تعويذ جو پاڻي سئي رستي مريض جي جسم ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو جو سندن عقيدو آهي ته، اهڙي طرح سان دم ڪيل پاڻي جو تاثير ڪيترائي دفعا وڌي وڃي ٿي، جڏهن ته پيئڻ سان اهڙو پاڻي گهٽو دير سان اثر ڏيکاري ٿو.

يوناني طب جي ماهر حڪيم ان سلسلي ۾ انجيڪشن جي استعمال ڪرڻ جو سبب ڇاڻائيندي ٻڌايو ته، هو ميڊيڪل سائنس جي جديد تحقيق ۽ اوزارن جو فائدو وٺندي يوناني طب جي دائري ۾ انجي تاثير جي قوت کي وڌائڻ چاهي ٿو. جڏهن ته اها هڪ انتهائي تشويشناڪ صورتحال آهي. هڪ اڀياس مان اهو به ڏٺو ويو آهي ته، اسانجين ٻهراڙين جي 80 سيڪڙي کان مٿي آبادي، اڄ به ميڊيڪل سائنس بجاءِ حڪمت ۽ هوميوپيٿي تي وڌيڪ اعتماد ڪندڙ آهي. جڏهن ته ماڻهن جو .هڙو اعتقاد صورتحال کي وڌيڪ سنگين ڪري ڇڏي ٿو ۽ اهڙن علائقن ۾ اهڙن معالجن جو هڪ وڏو انگ غير سند ۽ غير تربيت يافته آهي. هڪ ميڊيڪل سائنس جو شاگرد ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ، انجيڪشن جي درست استعمال ڪرڻ جي طور طريقن بابت توهانکي بنيادي ڳالهيون ٻڌائي سگهي ٿو ۽ ڪيس وڌيڪ سکيا ڏيڻ به سولي ٿي پوي ٿي، جڏهن ته روائتي علاج ڪندڙ ماهرن کي اهڙي سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ بنيادي ڄاڻ ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي جيڪو ميڊيڪل سائنس جي هڪ شاگرد جي پيٽ ۾ سندس لاءِ وڌيڪ ڏکيو عمل ٿي سگهي ٿو.

## ذهن نشين ڪرڻ جون ڳالهيون

پاڪستان جهڙي گرم ملڪ ۾ جتي غربت، لکيل پڙهيل ماڻهن جي گهٽتائي ۽ وسيلن جي کوٽ جهڙا شديد مسئلا موجود هجن اتي بيمارين جي پکڙجڻ جون موزون ۽ موافق حالتون موجود آهن. صحت جي معاملي ۾ ڪهڙي به بي احتياطي هڪدم پنهنجا اثر ظاهر ڪري وجهي ٿي. وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه هيءَ به آهي ته، ماڻهن جي وڏي اڪثريت صحت جي بنيادي اصولن کان يا ته بلڪل اڻ واقف يا وٽن اهڙي ڄاڻ نه هجڻ برابر آهي. اهڙي تشويشناڪ صورتحال ۾ هتي انجيڪشن جي غلط استعمال خلاف تمام وڏي پيماني تي ۽ ڀرپور انداز ۾ مهم هلائڻ جي ضرورت آهي. هتي ان ڏس ۾ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ لاءِ پيش ڪجن ٿيون جيڪي ڌيان طلب آهن.

## علاج ڪندڙن ۽ صحت جي ڪارڪنن لاءِ

1. ان ڳالهه جو رڪارڊ رکڻ گهرجي ته ڪنهن، ڪڏهن ۽ ڪهڙي مريض کي ڪهڙي انجيڪشن هنئي ته ساڳئي وقت اهو رڪارڊ به رکڻ گهرجي ته، ڪهڙيءَ انجيڪشن، هڻڻ ڪانپوءِ ان مريض کي جسم تي ڳوڙهي ۽ ڪيس ٻيون تڪليفون ٿي پيون.

2. غير ضروري حالتن ۾ ڪڏهن به انجيڪشن نه هڻڻ گهرجي پر جيڪڏهن هڻڻ ضروري ٿي پوي ته ڊاڪٽر جي خاص هدايت ڪانپوءِ هڻڻ گهرجي.

## مريضن لاءِ

1. ڪوشش ڪجي ته جيئن انجيڪشن ڪانسواءِ علاج ٿي سگهي ۽ انجيڪشن هڻائڻ جي ضرورت نه پوي، انجيڪشن رڳو تڏهن هڻائڻ گهرجي جڏهن ڊاڪٽر ضروري سمجهندو هجي.

2. ڪنهن به اهڙي طبي مرڪز يا اسپتال مان انجيڪشن نه هڻائجي جتي توهانکي سيون يا سرنجون سنيءَ طرح سانديل يا پيڪ ٿيل ڏسڻ ۾ نه اچن پر هتي خانن، ٿيلهين يا معالج جي کيسي ۾ پيل هجن.

3. ڇمڙيءَ ۾ انجيڪشن لڳڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن سوزش يا

انجيڪشن جي بيماري خلاف علاج ۽ اثر بابت اسانجو اعتقاد ۽ ايمان ايترو ته مضبوط ٿي چڪو آهي جو هاڻي ته، علاج جي ديسي ۽ روائتي طريقن ۾ به انجو استعمال ٿيڻ لڳو آهي ۽ حڪيم به انجيڪشن جو استعمال ڪندا رهن ٿا. ڪيترائي جعلي ۽ بيمارين لاءِ ٽوٽڪا ڏيندڙ ۽ جادو رستي علاج ڪندڙ پير فقير به انجيڪشن جو سهارو وٺي رهيا آهن، نه رڳو ايترو پر اها به خبر پئي آهي ته، ڪيترن اهڙن هنڌن تي، جتي مختلف قسمن جي معجون ۽ تعويذن وغيره رستي بيمارين جو علاج ڪيو وڃي ٿو، اتي انجيڪشن ۾ دم ڪيل تعويذ جو پاڻي سئي رستي مريض جي جسم ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو جو سندن عقيدو آهي ته، اهڙي طرح سان دم ڪيل پاڻي جو تاثير ڪيترائي دفعا وڌي وڃي ٿي، جڏهن ته پيئڻ سان اهڙو پاڻي گهٽو دير سان اثر ڏيکاري ٿو.

ساڳيو محسوس ٿيندو هجي يا انفيڪشن ٿيڻ جون ڪي به علامتون ظاهر ٿينديون هجن ته هڪدم ڊاڪٽر سان لهه وچڙ ۾ اچڻ گهرجي، پوءِ جنهن به توهانکي اهڙي ڪني انجيڪشن هنئي آهي انجي شڪايت واسطيدار آفيسر وٽ داخل ڪرائجي.

## والدين لاءِ

جڏهن غير ضروري انجيڪشن هنئي وڃي ته اها ٻارن لاءِ وڌيڪ موتمار ثابت ٿي سگهي ٿي، ان لاءِ مائرن کي گهرجي ته:

☆ ٻارن کي عام بيمارين جي حالت ۾ انجيڪشن نه هڻائن، غير معمولي حالت ڪانسواءِ، ٻارن کي انجيڪشن رڳو تڏهن هڻڻ ضروري سمجهي ويندي آهي جڏهن کين وئڪسين ڏني ويندي هجي.

☆ ٻارن کي ٻاهر واري کير بجاءِ پنهنجي ٿڃ پيارڻ گهرجي ۽ مقرر عمر دوران ٿي کين بيمارين جا بجاءِ جا ڦڙا پيارڻ/ ٽڪا هڻائڻ گهرجن.

☆ جڏهن ٻار بيمار ٿي پوندا هجن تڏهن انجيڪشن ۽ گورين جي پيٽ ۾ سندن لاءِ شربت وڌيڪ موثر ثابت ٿي سگهندا آهن.

اڄڪلهه دنيا جي سيني ترقي يافته ملڪن ۾ انجيڪشن جي غلط استعمال خلاف زور شور سان وٽ پڪڙ هلي رهي آهي ته ساڳئي وقت غير ترقي يافته ملڪن ۾ به سجاڳيءَ جي اهڙي لهر اڀري رهي آهي. پاڪستان ۾ خاص طور تي غير سرڪاري تنظيمون، ان سلسلي ۾ ڪم ڪري رهيون آهن. هتي خاص طور تي ٻهراڙين ۾ لکيل پڙهيل فردن جو انگ ايترو گهٽ آهي جو کين صحت جي بنيادي اصولن بابت آگاهه ڪرڻ لاءِ وسيع پيماني تي مهم هلائڻ جي ضرورت آهي ۽ ٻيو ته سرڪاري سرپرستي ڪانسواءِ غير سرڪاري تنظيمن جون اهڙيون ڪوششون موثر ثابت ٿي نه سگهنديون، چو ته بازار ۾ ضروري دوائن جي کوٽ، غير مستند ۽ مهانگين دوائن جي وڪري جهڙن مسئلن لاءِ سرڪار ئي قدم کڻي ۽ بندش هڻي سگهي ٿو.

ساڳئي وقت اهو به ضروري ٿو سمجهيو وڃي ته ڊاڪٽرن کي پنهنجي پيشي جي لحاظ کان اخلاقي ذميوارين جو احساس به ڏياريو وڃي ته جيئن هو عام مريضن جي ذهنن ۾ موجود غلط فهميون ختم ڪرڻ جون ڪوشش ڪن. اهو به ضروري ٿو سمجهيو وڃي ته، دوائن جون اهي ڪمپنيون ۽ اهي ڊاڪٽر جيڪي انجيڪشن بابت ان قسم جون غلط فهميون پيدا ڪن ٿا يا پنهنجي فائدي ۾ انجيڪشن جا فائدا وڌائي پيش ڪن ٿا تن جي خلاف سرڪاري سطح تي قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو به انتظام هجي. پاڪستان ۾ خاص طور تي هڪ وڌيڪ مسئلو ڊاڪٽر جي سفارش ڪانسواءِ دوائن جو بي قاعده وڪرو آهي جنهن سبب توهان ڪنهن به قسم جي انجيڪشن دوائن جي ڪنهن به دڪان تان وٺي سگهو ٿا. پنهنجو علاج پاڻ ڪرڻ جي عادت سبب ڪيترا ماڻهو پاڻ انجيڪشن وٺي پاڻکي هڻي ڇڏيندا آهن ۽ ظاهر آهي ته اهڙي سلسلي کي ڪرڻ لاءِ سرڪار ئي مناسب قدم کڻي سگهي ٿي. اهو ضروري ٿو سمجهيو وڃي ته، انهن فردن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، جيڪي استعمال ٿيل انجيڪشن ڌوئي پوئي ٻيهر پيڪ ڪري بازار ۾ وڪرو ڪندا رهن ٿا. انهن خلاف نه رڳو سخت قانون هجن ته قانونن تي عمل ڪرڻ جو به بندوبست هئڻ گهرجي، چو ته سرڪار، قانون ته تيار ڪيا آهن پر ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته هڪ اهڙو نظام تيار ڪيو وڃي جنهن تحت انهن تي موثر طريقي سان عمل ٿي سگهي.

## انجيڪشن هڻڻ جا طريقا

### چمڙي هيٺان
(Subcutaneous)

هن قسم ۾ سئي، چمڙيءَ جي مٿين تهه هيٺان هنئي ويندي آهي، انجيڪشن هڻڻ جي طريقي سان عام طور تي دوا جو معمولي مقدار جسم ۾ داخل ڪيو ويندو آهي ۽ اهو پنهنجي ترت اثر ڏيکاريندو آهي. مقرر مقدار ۾ دوا ڏيڻ بجاءِ جڏهن انجو وزن گهٽ وڌ ڪيو وڃي ته اهو ورلي مريضن لاءِ سنگين صورتحال پيدا ڪري وجهندو آهي. ذيابيطس جي مريضن کي انسولن هڻڻ لاءِ انجيڪشن جو اهو طريقو اختيار ڪيو ويندو آهي.

### مشڪ ۾ (Intra'miscular)

هن طريقي ۾ سئي مشڪ اندر هنئي ويندي آهي. چمڙي هيٺيان لڳندڙ انجيڪشن جي پيٽ ۾ مشڪ ۾ لڳندڙ ترت اثر به دير تائين رهندڙ ٿئي، چو ته چمڙي جي هيٺان وارين رت نلين جي پيٽ ۾ مشڪن ۾ رت جي وهڪ تيز هجڻ سبب دوا جلد سڄي جسم ۾ پکڙجي ويندي آهي. مشڪ ۾ انجيڪشن هڻڻ سان اتي دوا جو چڻ ته هڪ ذخيرو ٿي ويندو آهي، جتان پوءِ اها آهستي آهستي رت سان ملندي رهندي آهي.

### چمڙي جي اندرئين تهن ۾
(Intradermal)

بيماريءَ جي سڃاڻپ لاءِ چمڙي جي اندرئين تهن ۾ انجيڪشن هنئي ويندي آهي جنهن لاءِ هر هڪ ٻانهن تي هڪ هڪ نشان ڪيو ويندو آهي. انهن مان هڪ سڃاڻپ لاءِ ته ٻيو انجي پيدا ٿيندڙ اثرن تي ضابطو رکڻ لاءِ هوندو آهي. مختلف قسمن جي ائلرجي وغيره جي سڃاڻپ ڪرڻ لاءِ هن قسم جي انجيڪشن هنئي ويندي آهي.

### رڳ ۾

عام طور تي رڳ ۾ انجيڪشن نه هنئي ويندي آهي، انجيڪشن هڻڻ لاءِ جسم جي ڪنهن به ظاهر ٿيندڙ رڳ رستي دوا سنئين سڌي رت ۾ داخل ڪئي ويندي آهي، جيڪا تمام تيزيءَ سان سڄي جسم ۾ پهچي پنهنجو اثر ڏيکاريندي آهي. هن قسم جي انجيڪشن تيز اثر ڏيکاريندڙ سمجهي ويندي آهي، جنهن جو استعمال رڳو اهڙين حالتن ۾ ڪيو ويندو آهي جڏهن دوا جو جلد اثر حاصل ڪرڻو هجي. انجو عام طريقو ڊرپ لڳائڻ به آهي جنهن جو اسانجي ملڪ ۾ غير ضروري طور تي گهڻو رواج پئجي چڪو آهي جنهن سبب ورلي مريض ڪيترين سنگين پيچيدگين جو شڪار ٿي پوندو آهي.

(صحت ۽ ماحول جي ٽورن سان)

# وطن واسين کي 57 هين
# جشن آزادي مبارڪ

آزادي جو ڏينهن زنده قومن لاءِ عيد سعيد وانگي آهي. هي وطن اسان جي پوئنيرن جي بي بها قربانين جو نتيجو آهي. آزادي واري ڏينهن جو هر ايرندڙ سج اسان کي اهو احساس ٿو ڏياري تہ اسين هڪ مملڪت جا آزاد شهري آهيون ۽ آزاد قوم جي آزاد فرد جي حيثيت سان اسان تي جيڪا ذميواري عائد ٿئي ٿي ان سلسلي ۾ اسان جو فرض آهي تہ اها پوري ڪريون. هي وطن اسان جو آهي. اسان کي گهرجي تہ پنهنجي گهر، پنهنجي شهر ۽ پنهنجي ٽائون کي سرسبز، شاداب ۽ امن جو گهوارو بڻايون.

## پاران

**ذوالفقار يونس - ناظم ڪياماڙي ٽائون**

**علي محمد - نائب ناظم ڪياماڙي ٽائون**

**امير علي اُنڙ - ٽائون ميونسپل آفيسر**

## ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن ڪياماڙي

# وطن عزيز ۾ ترقي ۽ خوشحالي کي يقيني بڻايو

پاڪستان جي ترقي عالم اسلام جي ترقي آهي
وطن واسين کي آزاديءَ جي 57 هين سالگره مبارڪ

پاران

**محمد شاهد**
**ناظم**

ڊاڪٽر بخت رحيم شاهه
نائب ناظم

برڪت احمد رضوي
ٽائون ميونسپل آفيسر

**ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن- لانڍي ڪراچي**

# پاڪستان جي حفاظت ڪريو
# پاڪستان سان محبت ڪريو

## وطن واسين کي آزاديءَ جو ڏينهن مبارڪ

**شفيق الرحمان عثماني**
**ناظم- نيو ڪراچي ٽائون**

## ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن- نارٿ ڪراچي

# صفائي نصف ايمان آهي

## صدر ٽائون جي طرفان سيني وطن واسين کي آزادي جو ڏينهن مبارڪ

## عوام جي خدمت اسان جو نصب العين آهي

محمد فاروق ميمڻ فاريہ

ناظم صدر ٽائون

محمد وزير رهبر

نائب ناظم صدر ٽائون

خالد محمود

ٽي ايم او صدر ٽائون

## ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن- صدر ڪراچي

# پاڪستان جي حفاظت ڪريو
# پاڪستان سان محبت ڪريو

## وطن واسين کي آزاديءَ جو ڏينهن مبارڪ

**فصيح الدين صديقي**
ناظم- نارٿ ناظم آباد

**سعيد اختر**
ٽي ايم او- نارٿ ناظم آباد

**خان مسعود**
نائب ناظم-نارٿ ناظم آباد

## ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن- نارٿ ناظم آباد

### نفسياتي مرضن جو علاج

# ڊاڪٽر انور عالم هاليپوٽو

ايم. بي. بي. ايس، ايم آر سي سائڪ (يو ڪي)
ڊپ سائڪ (لنڊن)
مڊ ايسٽ ميڊيڪل سينٽر
ڪهڪشان ڪلفٽن ڪراچي
اڱارو ۽ خميس شام 00-3 کان 00-5 وڳين تائين
سومر، اربع ۽ جمعو شام 30-6 کان 00-9 وڳين تائين

**اڳواٽ وقت وٺڻ لاءِ**

فون: 021-5377395

# پاڪستان جي حفاظت ڪريو
# پاڪستان سان محبت ڪريو

## وطن واسين کي آزاديءَ
## جو ڏينهن مبارڪ

**نويد السلام**
**ناظم- ملير ٽائون**

**محمد وسيم مرزا**
**نائب ناظم- منير ٽائون**

**علي انور گدارو**
**ٽي ايم او- ملير ٽائون**

# ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن- ملير

# پاڪستان جي حفاظت ڪريو
# پاڪستان سان محبت ڪريو

## وطن واسين کي آزاديءَ جو ڏينهن مبارڪ

**حاجي مشتاق**

**ناظم- شاهه فيصل ٽائون**

**محمد اسلام الله صديقي**
**نائب ناظم-شاهه فيصل ٽائون**

**سيد علي ظفر زيدي**
**ٽي ايم او- شاهه فيصل ٽائون**

## ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن- شاهه فيصل ٽائون

آفيس آف دي تعلقہ ميونسپل ايڊمنسٽريشن
حيدرآباد (آر)

نمبر- ٽي ايم اي /139/ 2004 تاريخ 2004-8-21

### آڪشن نوٽيس

گورنمينٽ جي ليٽر نمبر SO-III/4-391/2004/4953 تاريخ 2004-8-10 ۾ شامل هدايتن هيٺ سال 05-2004 لاءِ چونگي مال جي پڙي هٽڙيءَ جو نيلام، تعلقہ ميونسپل ائڊمنسٽريشن (رورل) جي آفيس واقع گرائونڊ فلور ڊسٽرڪٽ ڪائونسل بلڊنگ حيدرآباد ۾ سرڪاري واڪ -/53,50,000 روپين جي ماليت سان 2004-9-06 تي (پهريون پيرو) 2004-09-07 تي (ٻيو پيرو) ۽ 2004-09-08 تي (ٽيون پيرو) صبح جو 30-11وڳين ڪيو ويندو.

حصي وٺندڙن کي سرڪاري واڪ جي ڏهہ سيڪڙو برابر رقم بئنڪ ڊرافٽ جي صورت ۾ سڪيورٽي ڊپازٽ طور جمع ڪرائڻي هوندي.

حصي وٺندڙن کي اهڙو موثر سرٽيفڪيٽ پيش ڪرڻو هوندو تہ هو ڪڏهن بہ ڪائونسل يا ڪنهن ٻئي محڪمي وٽ ڊفالٽر نہ آهي.

تعلقہ ڪائونسل حيدرآباد (رورل) ڪنهن بہ هڪ يا سيني واڪن کي رد ڪرڻ جا مڃڻ جو حق بنان ڪنهن سبب ٻڌڻ جي محفوظ رکي ٿي.

ٻيا شرط ۽ ضابطا تعلقہ ميونسپل ائڊمنسٽريشن حيدرآباد (رورل) جي آفيس ۾ ڪنهن بہ ڪم واري ڏينهن تي ڏسي سگهجن ٿا.

تعلقہ ناظم
**تعلقہ ميونسپل ائڊمنسٽريشن**
حيدرآباد (رورل)

انفرميشن- ڪراچي نمبر 04/2040

وڻن ويهن وٽ، جي سڪين تہ سُکُهو تيين (شاھ)

ماهوار **ويڄ** ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

## جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ:

- صحت جي سجاڳي آڻيندڙ سنڌي ٻولي جو هي نرالو رسالو ماهوار ”ويڄ“ باقاعدگي سان اوهان جي هٿن ۾ هر مهيني پهچي.
- ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهان جو حصو شامل هجي.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد طبي اصطلاح پنهنجي جاءِ وٺندا رهن تہ پوءِ
- اڄ ئي ماهوار ”ويڄ“ جي سالياني خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ سالياني خريداري جو چندو -/300 رپيا /ڇهہ ماهي خريداري جو چندو -/150 رپيا بئنڪ ڊرافٽ/چيڪ/مني آرڊر ذريعي موڪليو.
- سالياني خريداري جو چندو موڪلي اوهان ماهوار ويڄ پنهنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور بہ موڪلي سگهو ٿا. اسان توهان جي دوست/عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اهو اطلاع ڪنداسين تہ رسالو ڪنهن جي پاران تحفو ٿيل آهي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ هيٺين پتي تي موڪليو.

**سرڪيوليشن مئنيجر ماهوار ويڄ ڪمرو نمبر 53 پهرين ماڙ بلاڪ اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ ڪراچي**

**نوٽ: سالياني فيءَ جي بدلي رسالي جا 2 +12 پرچا موڪليا ويندا.**

# خريداري جو فارم

منهنجو/منهنجي دوست/عزيز جو نالو ماهوار ”ويڄ“ جي سالياني/ڇهہ ماهي خريدارن جي سٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان ساليانو/ڇهہ ماهي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنهنجا/پنهنجي دوست/عزيز جا تفصيل هن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ): ________________________________

ائڊريس: ________________________________

________________________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ/چيڪ/مني آرڊر نمبر ________________ ________

صحيح ________________ تاريخ ________________




## برآمدي شرح ۾ 57% واڌارو- هڪ نئون سنگ ميل

پاڪستان جي 58 هين آزادي واري ڏينهن جي مبارڪ موقعي تي ايڪسپورٽ پروسيسنگ زونز اٿارٽي وڏ ۾ وڌ خوشين سان ملڪي برآمدات ۾ شاندار ڪاميابين جو اعلان ڪري ٿي- EPZA جي ذريعي 04-2003 جي برآمدات ۾ گذريل سال جي وڌي برآمدي نمو (29%) جي مقابلي ۾ 57% واڌارو ٿيو آهي.

پاڪستان جي مختلف مقامات ڪي سرمايه ڪاري جي لاءِ پرڪشش ڪرڻ لاءِ وڏيڪ ايڪسپورٽ زون ٺاهيا وڃن ٿا.

EPZA جي تحت ڪنڪٽ روڊ شوز جي ڪاميابي جيڪا برطانيه ۾ لنڊن، گلاسڪو ۽ برمنگهم ۾ ترتيبوار 21، 23 ۽ 25 جولاءِ 2004 تي منعقد ٿيا هئا. پاڪستان جي مستقبل تي بين الاقوامي تجارتي برادري جي موجوده اعتماد جو اظهار آهي.

قومي جهنڊي بلند رکڻ لاءِ سرگرم عمل - ايڪسپورٽ پروسيسنگ زونز اٿارٽي

**Export Processing Zones Authority**
Landhi Industrial Area, Mehran Highway, Landhi Karachi. 75150 (Pakistan)
UAN: 111-777-222 Tel: (92-21) 5082001, 5082002 Fax: (92-21) 5082009, 5082005
*E-mail: info@epza.gov.pk Web Site: http://www.epza.gov.pk*

**Export Processing Zones Authority**
*Gateway to Business Success in Asia*

PID-321
ORIENT McCANN